# سنڌ جو بمبئي کان جدا ٿيڻ

لکندڙ :

جمشيد . اين . آر مهتا

گلشن پبليڪيشن
ممتاز ڪالوني - حيدرآباد

# سنڌ جو بمبئي کان

## جدا ٿيڻ

لکندڙ

جمشيد – اين – آر – ميهتا

گلشن پبليڪيشن
حيدرآباد

گلشن پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر ٩

ڇاپو پهريون ١٩٨٧ع

تعداد هڪ هزار

قيمت ٥٠٠ روپيه

هي ڪتاب سنڌ پرنٽنگ پريس، اڪال پونگا لين حيدرآباد
۾ ڇپيو، ۽ گل شير بلوچ مڪان H.C.1816 ممتاز ڪالوني
قاضي عبدالقيوم روڊ، حيدرآباد سنڌ مان ڇپائي پڌرو ڪيو

# پبلشر پاران

”گلشن پبليڪيشن“ پڙهندڙن جي سهڪار سان هاڻي پنهنجي تاريخ جون تقاضائون پوريون ڪرڻ شروع ڪيون آهن. هن اداري ڪي انهيءَ ڳالهه تي سدائين فخر رهندو ته ان شاندار ماضيءَ جا ورق اڏوهي ۽ گمناميءَ کان بچائي عوام جي هٿن تائين پهچائي رهيا آهن.

انگريزي راڄ دوران جيڪي به تحريڪون هليون، ”سنڌ جي بمبئي کان علحدگي واري تحريڪ“ پهرين ۽ مکيه تحريڪ تسليم ڪئي وڃي ٿي. هن تحريڪ سنڌ جي سياسي ادب ۾ بي مثال اضافو ڪيو. اوهان جي هٿن ۾ موجود هي ڪتابڙو پڻ انهي تحريڪ جو هڪ باب آهي. اسان کي اميد آهي ته مهربان پڙهندڙ اسان جي هن ڪاوش کي قدر جي نگاهن سان ڏسندا ۽ اسان جي ڀرپور همت افزائي ڪندا.

ادارو گلشن پبليڪيشن نامياري محقق محترم ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ صاحب جو بيحد ٿورائتو آهي، جنهن هن ڪتابڙي جو تعارف لکي، مختصر مگر جامع لفظن ۾ پوري تحريڪ جي ڪهاڻي ٻڌائي آهي.

آخر ۾ پڙهندڙن کي گذارش آهي ته پاڻ هن پبليڪيشن جا گهڻي ڪان گهڻا ڪتاب خريد ڪري اسان جي همت افزئي ڪرڻ فرمائين ته جيئن گهڻي ڪان گهڻا سنڌي زبان جا ڪتاب شايع ڪرائي سگهون. مهرباني.

توهانجو

**گل شير بلوچ**

۱۰-۱۲-۱۹۸۶ع

# هن قلمي پورهئي جو پس منظر

## پس منظر:

سر چارلس نيپئر طرفان ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ تي قبضي ڪرڻ تائين ”ڪمپني حڪومت“ ننڍي کنڊ ۾ پنهنجي سرحدن وڌائڻ جي ڌن ۾ مگهن رهي. ۱۸۵۷ع جي واقعن جي نتيجي ۾ ”ڪمپني راڄ“ جو خاتمو ٿيو ۽ هندستان جي ڌرتي تي برطانوي سلطنت جو جهنڊو ڦڙڪڻ لڳو. اڌ صدي جي عرصي گذارڻ کان پوءِ فرنگي سامراج جي پاڙن اهو شدت سان محسوس ڪيو ته پنهنجي انتظام ۽ اختيار جي گرفت مضبوط ڪرڻ لاءِ ”هندستاني جاگير“ کي انتظامي ايڪن ۾ ورهائڻ گهرجي. انهيءَ سلسلي جي پهرين ڪڙيءَ پٽاندر ۱۹۰۵ع ۾ بنگال جو ورهاڱو عمل ۾ آيو. جنهن ڪري بنگال جي ورهاڱي تي سنڌ ۽ هند جي ڪٽر هندن شديد رد عمل ظاهر ڪيو، پر ان هوندي به سنڌ جي متئين طبقي جي هندن خواهه مسلمان اڳواڻن کي پڻ پنهنجا ڏک سور ياد آيا ۽ سنڌ کي بمبئي کان الڳ ڪرڻ جو خيال سنڌين ذهن ۾ جنم وٺڻ لڳو.

ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته سنڌ ۽ بمبئي جي الحاق مان سنڌ جي هندن کي مذهبي، نفسياتي ۽ قومي

۽ نه وري سنڌ جي عام يا خاص جي اهڙي مرضي هئي ان ڪري هڪ الحاق سان جند ڇڏائي ٻئي الحاق ۾ ڦاسڻ بدران هن تحريڪ علحدگي واري صورت ورتي.

**اهم تحريڪ:**

"سنڌ جي بمبئي کان علحدگيءَ واري تحريڪ" سنڌواسين جي سياسي مزاج کي سمجهڻ لاءِ هڪ اهم مثال جي حيثيت رکي ٿي. انهيءَ مان اسان سمجهي سگهون ٿا ته سنڌ ۾ وڏيرڪي ۽ مذهبي سياست جو آغاز ڪئين ٿيو. ڪهڙي نموني سان سنڌواسين پنهنجي هٿن سان پنهنجي ايڪي ۽ الفت واري ماحول کي نفرت ۽ حقارت ۾ بدلائي ڇڏيو. سنڌ مسلم ۽ غير مسلم ڪئمپن ۾ ورهائجي وئي ۽ هتان جي اثر رسوخ رکندڙ مسلمانن کي گڏيل هندستان جي مسلمانن لاءِ الڳ ۽ آزاد وطن گهرڻ جي سوچ آئي. تان جو ۱۹۳۸ع ۾ "سنڌ مسلم ليگ پراونسل ڪانفرنس" ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي تحرڪ سان اهڙي آواز کي بلند ڪيو ويو. حقيقت ۾ اهو آوازئي اڳتي هلي ۱۹۴۰ع ۾ "پاڪستان ٺهراءُ" جي نالي ۾ لاهور ۾ ظاهر ٿيو.

هن تحريڪ جي اهڙن دور رس اثرن ڇاڻاڻ کان سواءِ اسان ان جي مطالعي مان ڪي نتيجا پڻ اخذ ڪري سگهجن ٿا. جن مان ڪي هي آهن.

(الف) ڏوراهين ۾ مضبوط مرڪز کي سنڌواسين ڪڏهن

به قبول نه ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي جو عباسي خليفا، مغل شهنشاهه ۽ افغاني حڪمران ڪين پنهنجو "انڌو وفادار" بڻائي نه سگهيا. انگريزن جي دور ۾ وڃي هن بمبئي کي پنهنجي اقتدار ۽ اختيار جو ڪعبو قبلو ڪري تسليم نه ڪيو.

(ب) سنڌ ۾ مذهب زده سياست پنهنجو تڪڙو اثر ڏيکارڻ لڳندي آهي ۽ هتان جو مٿيون طبقو پنهنجي هتان لتاڙجندڙ ۽ ڏتڙيل طبقي کي مذهب ۽ مذهبي مفادن جو واسطو ڏئي پاڻ سان ملائي سگهندو آهي. انهيءَ ڪري هڪ طرف هيٺين طبقي طرفان هلايل "طبقاتي چڪتاڻ" ماٺي ٿي ويندي آهي ۽ ٻئي طرف مٿين طبقو پنهنجي مرضيءَ ۽ مفادن مطابق هيٺين کي ويڙهائي حڪومت ڪري سگهندو آهي.

(ت) سنڌ ۾ اهڙين تحريڪن کي مقبوليت ۽ ڪاميابي ملي آهي جن جي قيام يا آغاز جي پس منظر ۾ مٿين طبقي جو هٿ هوندو آهي. انگريزي دور ۾ "خلافت تحريڪ" ۽ "سنڌ جي بمبئي کان علحدگيءَ جي تحريڪ" به مکيه تحريڪون هيون. سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ عوام "خلافت ڪاميٽيون" ناهيون، ماڻهو جيلن ۾ ويا، گهر، تڙ ۽ وطن ڇڏيائون پر ڪجهه به ڪين وريو، ليڪن جيئن ته سنڌ جي بمبئي کان علحدگي ملڻ تي وڏيرڪ ۽ ترت فائدا سنڌ جي مٿين طبقي کي ملڻ وارا هئا. وزير ۽ وڏا ماڻهو اهي ئي ٿيڻا هئا، اختيار ۽ اقتدار

کين ٿي ملڻو هو. ان ڪري تحريڪ جي قيادت به انهن کئي. هندستان جي ڪنهن ڪنڊ ڪڙڇ ”کان وٺي انگلنڊ تائين اهي ٿي ڊوڙيا. سنڌ ۾ فقط چار سنڌ آزاد ڪانفرنسون“ ٿيون ۽ هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويا.

## تحريڪ جو مواد:

هيءَ تحريڪ ۱۹۰۸ع کان هلي ۱۹۳۶ع ۾ ختم ٿي. انهيءَ عرصي دوران تحريڪ جي موافقت يا مخالفت ۾ تمام گهڻو ڪجهه ڇپيو ۽ لکيو ويو. گڏيل هندستان جي مرڪزي سياسي جماعتن جو رڪارڊ ۽ وقت جي حڪومتن جو سرڪاري رڪارڊ پڻ اهڙي مواد سان ڀريو پيو آهي. ان کان سواءِ ڪيتري سنڌي پريس سالن جا سال تحريڪ کي پنهنجي سيني ۾ جاءِ ڏني. هندن تحريڪ جي مخالفت ۾ ۽ مسلمانن تحريڪ جي حق ۾ ڪيترائي ڪتاب ۽ پمفليٽ لکيا.

ليڪن سڀ کان ڀرپور ”الوحيد“ جو ”سنڌ آزاد نمبر“ هڪ اهم دستاويز جي صورت ۾ اسان کي ملي ٿو. ان کان پوءِ قابل احترام ۽ بزرگ سياستدان سائين جي-ايم سيد انهي موضوع تي هڪ الڳ ڪتاب لکيو. تازو ڊاڪٽر حميده کهڙو پڻ ٻن جلدن ۾ هن تحريڪ سان لاڳاپيل دستاويز مرتب ڪيا آهن. ان کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب خان چني پڻ ساڳي موضوع تي پي-ايچ-ڊي جو مقالو لکيو.

تازو اهڙن ڪتابن ۽ پمفليٽن شايع ٿيڻ جو رواج پيو آهي، جيڪي تحريڪ دوران لکيا ۽ ڇپيا ويا. اوهان جي هٿن ۾ موجود هي پمفليٽ پڻ انهي سلسلي جي ڪڙي آهي.

**ڪتابڙو ۽ وڏو انسان:**

هي پمفليٽ ”جديد ڪراچي جي ابي“، سنڌ جي هنڌ ڏوکي ۽ پارسي ڪميونٽي جي فخر لائق انسان جمشيد نسروانجي (١٨٦٦-١٩٥٢ع) جي سنڌ دوستي ۽ رواداريءَ وارن جذبن جو نتيجو آهي. هن وڏي انسان تي سنڌس حياتي خواهه ان کان پوءِ گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي. سنڌيءَ ۾ سنڌس حياتيءَ ۽ ڪارنامن جو احوال محترم سائين جي- ايم سيد جي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ (جلد پهريون) ڏنو ويو آهي. ان ڪري هن وڏي انسان جي سوانح ڏيڻ بدران سنڌس ڪتابڙي جي پس منظر جي لکڻ تي اڪتفا ڪجي ٿي.

جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته سنڌ جي بمبئي کان علحدگي جي ڳالهه سڀ کان اول سيٺ هرچند راءِ وشنداس (هڪ هندوءَ) ڪئي. ليڪن اڳتي هلي سنڌ جي هندن ان جي هرهڪ پليٽ فارم تان مخالفت ڪئي ۽ مخالفت به زوردار ڪئي. تحريڪ لاءِ سڀ کان وڏيڪ خطرو پروفيسر ڇبلاڻي ۽ سنڌس قلم بڻيو. هي پروفيسر اقتصاديات جو ماهر هو ۽ ڪيس فرنگي ڪامورن کي انگن اکرن جي جادو سان ذهن

جيتوڻيڪ ڪتابڙو گهڻو اڳ جو لکيل آهي، ليڪن اڄ به انهيءَ جي پڙهڻ سان نه صرف پنهنجن ڪيترن حقن جي وڪالت ڪري سگهجي ٿي، پر ان کان سواءِ صدين کان وٺي نه بدلجندڙ حالت جي تصوير پڻ ڏسي سگهجي ٿي.

تاريخ ١٠-١٢-١٩٨٦ع ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

# سنڌ جو بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ

هن چوپڙيءَ جي اندر جيڪي ڇپيو ويو آهي، سو بي شڪرگذاري منجهان ڪين ڇپيو ويو آهي. سنڌ کي بمبئيءَ جو شڪرگذار ٿيڻ لاءِ گهڻا سبب آهن. پر وقت آيو جڏهين ٻار ايڏو ٿيو آهي، جو پنهنجن ٽنگن تي بيهي سگهي ۽ پنهنجي جاءِ وٺڻ لاءِ آزاد ٿئي.

منهنجي آس آهي ته سنڌ جي هر هڪ ڳوٺ، ۽ تعلقي شهر ۽ ضلعي ۾ ساختي جوڙجڪ ٿئي. اسانجي سنڌ ۾ صحت ۽ تعليم ٻه مکيه آهن. واڌارو (سکم) ضرور پراپت ٿيندو. اهو ڏينهن ٿيندو جڏهين، چاهه سان، ڌيان سان، ۽ پوتر دل سان، سنڌ جا پٽ پنهنجي ماتريوميءَ لاءِ ڪم ۾ لڳي ويندا. هن سموري جوڙجڪ جي ڪم لاءِ ضروري آهي ته سنڌ بمبئي کان جدا ڪئي وڃي.

سنڌ جي جدا ٿيڻ جو سوال، وقت به وقت پئي ماڻهن جي اڳيان آيو آهي. ١٩٢٩ ۾ جي ستارا ٿيا آهن، تن جي باري ۾ وري به هي سوال پيش ٿيو آهي ۽ هندو مسلمان ٺاهه جي واسطي هڪ شرط ٺهرايو ويو آهي. سنڌ جي جدا ٿيڻ جي سوال، اسانجي ڪن هندو دوستن کي ڇرڪائي

ڇڏيو آهي، ۽ سنڌن مان هڪ قسم جو ڊپ پوندو ٿو وڃي ته نئي جوڙجڪ ۾ سنڌن کهڙو نصيب ٿيندو، ڇوته سنڌ جي آدم جي ميجارٽي آهن مسلمان. آءٌ اهو ميجارٽي ۽ مئنارٽي وارو سوال بلڪل پاسي رکڻ ٿو گهران. مون کي پڪ آهي ته سنڌ جي جدا ٿي، ته سڌارن جي ڪميشن" اها سنڀال ڪندي، ته ٿورن (مئنارٽين) جا حق چڱيءَ طرح رکيا وڃن. جيڪڏهين "درجي وار" ووٽ جو حق ڪامنويلٿ آف انڊيا بل پٽاندر قبول ڪيو ويو، ته مون کي پڪ آهي ڪنهن به پرڳڻي ۾ ٿورن جا حق، مسلمان، هندن، پارسي يا سکن جا، سلامت رکيا ويندا.

آءٌ هيٺين سببن ڪري سنڌ جي جدا ٿيڻ جي فائدي ۾ آهيان:

(١) سنڌ هڪ بلڪل جدا پرڳڻو آهي، حياتي ۾، عادتن ۾، حالتن ۾، ۽ پوشاڪ ۾.

(٢) جاگرافيءَ انوسار بمبئي کان بلڪل علحده آهي.

(٣) گورنر، ڪاروبار ڪونسل جا ميمبر، ۽ بلڪ ڪونسل جا وزير يا ميمبر کهڙا به ڪٿي ايماندار هجن، ته به انهن لاءِ پنهنجي ڌيان جو پنجاهون حصو سنڌ کي ڏيڻ مشڪل آهي.

(٤) سنڌ جا مسئلا، بمبئي کاتي کان علحدا آهن، جو انهن کي ساڳئي هنڌ رکڻ ڪٺن آهي.

(٥) سنڌ کي جيڪڏهين گورنر ۽ ڪونسل، يا چيف ڪمشنر ۽ ڪونسل هوندي، ته وڌيڪ ڌيان منهن ڏنو ويندو. سوالن جا جواب ڏنا ويندا، مسئلا ۽ مشڪلاتون، واردات تي حل ڪيا ويندا. هينئر اسان کي مهنا، سال ۽ بلڪ پيڙهيون ٿو ترسڻو پوي ۽ اهوئي سهڻن لفظن ۾، همدرديءَ جو ڏيکاءُ ڏيندڙ جواب ٿو ڏنو وڃي ته ”سرڪار جي زير ويچار آهي.“

(٦) سنڌ اسان کي پاڻ کي ڏاهڻو آهي، ۽ هڪڙوئي رستو آهي ته هي ڪم پنهنجي هٿن ۾ ڪڻجي. آزادگي جي پنڌ لاءِ، مکيه اپاءُ آهي ٻارن ۽ وڏن جي صحيح تعليم. جيسين اسين بمبئي جي ٻين ڀاڱن سان، گڏيا پيا آهيون تيسين اسين ائين ڪري ڪين سگهنداسون.

(٧) خرچ جو خيال مون کي ڪونه ٿو ڏيجاري. پنج ورهيه ٿيا ته سر هينري لاريس کي انگ اکر پڌرا ڪيا هوا، ۽ ڏيکاريائين ٿي، ته سرڪار، سنڌ تي منجهانئس جيڪا آمدني ٿي ٿئي، تنهن کان وڌيڪ ٿي خرچي. ساڳيا اهي انگ نا اميدي جا ڪين آهن، پاڻ مون کي پڪ ٿا ڏيارين ته اسين پنهنجا خرچ پورا ڪري سگهنداسين.

(٨) باقي رهيو سوال سکر بئراج تي جيڪو خرچ ڪيو ويو آهي، تنهن جو آءٌ ٻانيان ٿو ته مدد سرڪار

کان جي، هاڻوڪي سرڪاري انگن سادا ۴ سيڪڙو تي، ٦٠ ورهين لاءِ قرض وٺنداسين، ته ڪم ٿي سگهندو: خاص ڪري جيڪڏهين سلامتيءَ لاءِ هند سرڪار سهڪاري هلچل کي هڪ ٥ ڪروڙن جي **زمينۍ گروي ڀيٽيڪ** جي تجويز بحال ڪري ھمٿائيندي۔

(٩) سنڌ جي جدا ٿيڻ ڪري رستن، ريلن ۽ ٻين واڌاري جي تجويزن لاءِ، جي اسان جي ترقيءَ لاءِ ضروري آهن، اسان کي پنهنجي نجات حاصل ڪرڻ جو وجهه ملندو۔ سي اسين ملائي ڪين سگهنداسين۔

مون کي اها به پڪ آهي، ته ٻل ڪٿي بمبئي جا گورنر، عملدار ۽ قاعده ساز ڪونسلون عمدي ۾ عمديون هجن، ته به جيئن جيئن سمو گذرندو ويندو، تئين اسان جو سنڌ ۾ حال بدتر ٿيندو ويندو۔

II

(نوٽ — مٿئين ليکم تي هڪ صاحب نقطه چيني ڪئي تنهنجي جواب ۾ هي ليکم نمبر ٻيو آهي۔)

تنهن ڏينهن هڪ خاطو هڪ مڪاني اخبار ۾ لکيو ته منهنجن ۹ سببن جي آڏو ڪيس هڪ ٿي سبب آهي، سو هيءُ ته "دماغ جي ڪم قوت"۔ مون کان هڪ معزز دوست پڇيو ته توهين جو لکو ٿا ته "اسين" هلائي سگهنداسين،

سو اهي اسين ڪير آهن؟ هن ڪي شڪ آهي ته ڪو اسين ڪر هلائي سگهنداسين.

ٻهڙي قسم جون ڳالهيون ڪرڻ ڏيکارين ٿيون ته سنڌ جي ماڻهن جي طاقت ۾ گمان ٿو آندو وڃي. سنڌ جي ڪرنسل ميمبرن بنسبت ائين چيو ويندو آهي ته هنن ۾ هوشياري ۽ قابليت ڪانه آهي؛ پر مان ائين پائڻ لڳو آهيان، ته اهي ميمبر بلڪل سياڻا ۽ هوشيار آهن. انهن ميمبرن ۾ ايڏو ته عقل آهي جو ٻين ميمبرن ۽ سرڪار کي وڪوڙو ڏيئي، پنهنجو مطلب ڪيئي سگهيا آهن. اهو رستو وٺڻ ڪٿي نيڪائتو نه هجي، پر جنهن نموني ۾ هو سرڪار سان، ۽ خودمختيار يا سوراجي ڌرين سان ٽا ڏي وٺ ڪن، سا ته ڳالهه بنا شڪ جي ڏيکاري ٿي ته ته هو نيڻ به ”چٽ ته ڪين آهن.

سرڪاري عملدار، هاڻوڪي هالي ميمبر سوڏا، ڪليو قبول ڪري رهيا آهن، ته ووٽن هٿ ڪرڻ لاءِ، ڪين سنڌ جي ميمبرن جون گهرون قبول ڪريون ٿيون پون. ته براهمڻ ميمبرن کي به سنڌ جي ”چٽن“ سان، شامل ٿيڻو پيو.

ٻهڙي قسم جي راند فقط چاڻو سمجهو ماڻهو ڪري سگهندا، جن کي چاڻ آهي ته ڪٿن ڏجي، ڪٿن وٺجي؛

جي جهنگلي ڪين آهن پر اهڙا ماڻهو آهن، جي پنهنجا مطلب پاڻي سگهن ٿا.

جي اهڙا ماڻهو هوشيار نہ آهن تہ آءٌ ڏو پڇان تہ ٻيا ڪير آهن؟ آءٌ پانيان ٿو تہ اسان تي هندستان ۾ "قابل ۽ هوشيار" لفظن جي وڏي ڇاپا پيل آهي. مون کي ياد آهي تہ منهنجي هڪ انگريز دوست جنهن کي انگلنڊ ۾ مڪاني ڪونسل لاءِ ووٽ هو، تنهن مون کي هڪ دفعي چيو تہ هڪ سکر، جو پوءِ هندستان جي هڪ علائقي جو گورنر مقرر ڪيو ويو، سو انهي ڪونسل جي چونڊ لاءِ اميدوار هو. مگر هو ڪونہ چونڊيو ويو، جو چوڻ ۾ آيو هو "بيوقوف" آهي. پر هو ماڻهو جو پوءِ گورنر ٿيو، سو گورنر بہ سياڻي ۾ سياڻو ٿيو. اهڙا بيوقوف جتي ڪٿي آهن، ۽ اسان کي هنن کان ڊپ کائڻ نہ گهرجي.

منهنجو رايو آهي تہ سنڌ ۾ سيني قومن ۾ قابل ماڻهو ٻيا آهن، جي جيڪڏهن کين وجهہ مليو تہ وقت جي گهرجن کي منهن ڏيئي سگهندا. مون کي پڪ آهي تہ جيڪڏهن چونڊن جو هاڻوڪو سرشتو سڌاريو ويو ۽ جيڪڏهن ووٽرن تي جيڪو دٻاءُ ٿو وڌو وڃي سو جي ڪڍيو وڃي، جيڪڏهن چونڊن مهل ناڻي جي خرچ تي بندش وڌي وڃي، ۽ ڏريون پنهنجا فند ڏاهي سگهيون، تہ پورا پورا ماڻهو ملي سگهندا

مون کي خبر آهي ته هڪ ڪارخانو جو بلڪل وڏو ٿي ويو هو، تنهن کي پوءِ پڇي چار ڪارخانا ڪيو ويو. ڀورين سمجهيو ويو هو ته پورن آفيسرن نه هئڻ سبب پوري سنڀال ڪانه ٿيندي، پر جڏهن جدائي ٿي، تڏهن سڀني کي عجب لڳو، جڏهن ڏٺو ويو ته جن تي جوابداري وڌي ويئي، تن پنهنجا ڪم پوريءَ طرح بجاءِ آندا هئا.

هي جو هينئر چوڻ ۾ ٿو اچي ته اسان جا ڪونسلن، ميونسپالٽين، يا لوڪل بورڊن جا عيوضي لياقت ڪانه ٿا رکن، سا ڪجهه وڌا ۾ آئي آهي. مون پڻ ڪونسلن ۽ پارليامينٽ جي بحثن پڙهڻ مان صحيح ڪيو آهي ته جتي ڪٿي ساڳي حالت آهي، پنهنجي گهرجي ڳالهين جي سونهن ۽ درجي جو قدر نه ڪرڻ، سو عيب عام آهي.

سنڌ جو بمبئي کان جدا ٿيڻ جي ڳالهه ۾ نااميدي يا بي اعتباري نه رکڻ گهرجي. اعليٰ زور سان ٿو چوان ته اسين ڪم هلائي سگهنداسين."

## III

## مسٽر هرچند راءِ کي جواب

(مٿين ليکن ڪانپوءِ مسٽر هر چند راءِ وشنداس، اخبار واري سان ملاقات ڪندي پنهنجا خيال پڌرا ڪيا، انهي جي آڌر هيٺيون جواب آهي.)

مون کي خوشي آهي تہ اسان جا اڳواڻ هن سنڌ جي جدا ٿيڻ جي سوال تي ڌيان ڏيئي رهيا آهن. شايد اهو سوال اسان کي ملڪي نند مان اٿاري. اسان جي بزرگ دوست جيڪا ملاقات "سنڌ آبزرور" واري سان ڪئي، سا پڙهڻ ۾ وندرائيندڙ آهي. هن سوال جي تواريخ جيڪا ڏني ويئي آهي، سا چڱي آهي، پر انهي جو هاڻوڪي ڳالهہ سان ڪو واسطو ڪونہ آهي، جو تہ دنيا مسٽر حسنعلي جي ۱۸۷۹ وارن راين کان پوءِ تمام تڪڙو هلي ويئي آهي، مسٽر ڏيارام جيٺمل جي ۱۸۸۸ واري رايي کي بہ ڪجهہ وقت ٿيو ۽ بلڪ هرڪشن لعل جي ۱۹۱۱ واري خيال کي عرصو لنگهي ويو. باقي اچو تہ مسٽر هرچند راءِ جي دليلن کي وٺون. هنن جا هيٺيان دليل آهن:

(۱) جيڪي جئرامداس چيو سو ٺيڪ هو.

(۲) شروعات ۾ سکر براج جو معاملو ڪجهہ پئسو پچندو (تنهنڪري جيسين اسان جو ڪم راس ٿي وڃي تيسين ترسون)

(۳) ڪجهہ وقت کان بمبئي جي سرڪار سنڌ کي وڌيڪ ڌيان ڏيئي رهي آهي.

(۴) سنڌ جي قانون ساز مجلس نڪمي ٿيندي.

(۵) عملدار سنڌ جي جدا ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي هلندا.

(٦) ڪاروبار جو اهڙو خرچ اسين پري کين سگهنداسين.

مٿين نقطن لاءِ منهنجا هيٺيان جواب آهن:

### (١) جئرامداس جو دليل

انهيءَ جو جواب آءٌ جدا ڏيندس.

### (٢) سکر براج جو خرچ

مان پانيان ٿو ته براج جي مالي معاملي کي گهٽا کين ٿا سمجهن. سکر براج تي جيڪي خرچ ڪيا وڃن ٿا تن کي سرڪاري **موڙي** (ڪئپيٽل)، جا ان ڪم ۾ وڌل سمجهبي. اها موڙي هند سرڪار بمبئي سرڪار کي قرض ڪري ڏني آهي، انهي موڙيءَ ۾ وياج به گڏبو پيو وڃي. وياج جو ڪو "ياگو" بمبئي کاتو "ڏڪر جي فند" مان پيو ڏئي. پر اها به ڳالهه نه وسارڻ کپيءُ ته "ڏڪر جي فند" ۾ سنڌ به پنهنجو حصو پنهنجي آمدني مان ڏئي ٿي. بمبئي سرڪار رٿيو آهي ته سکر براج تي جيڪو خرچ ٿيندو، تنهجي پاڻي پاڻي براج جي تجويز هيٺ جيڪي زمينون اينديون تن جي وڪري مان حاصل ڪندي، ۽ پڻ جڏهن ڪم رچي راس ٿيندو تڏهن جيڪا ريونيو وڌيڪ جڙندي، تنهن مان ڪٽيندي. ماڻ تڏهن ڪهڙي ڳالهه نئي ٿي، جي بمبئي سرڪار جي بدران سنڌ سرڪار انهي قرض جو بوجو ڪٽيندي.

هر ڪنهن کي معلوم آهي ته بمبئي سرڪار پنهنجي ريونيو مان هڪ پائي به براج تي خرچڻ واري ڪين آهي، پر اُلٽو زمينن جي وڪري ڪانپوءِ، ۽ قرض جي ڏيڻ ڪانپوءِ بمبئي ڪاٿو سنڌ منجهان وڏيڪ حاصل ڪيل ريونيو مان پورو پورو فائدو وٺندو. تنهنڪري بهتر ٿيندو، ته اسين هينئر ئي بوجو پاڻ تي کڻون، ۽ فائدن جو فصل پوءِ لڻون.

اها به ڳالهه صفا ياد ڪرڻ کپيئون ته براج تي جڏهن قرض ڪنيو ويو تڏهن بمبئي سرڪار جي پت ايتري زور واري ڪين سمجهي ويئي. هند سرڪار جي مدد سان ئي هي ڪم ٿيو: هند سرڪار سچ پچ هند سيڪريٽري کي مجبور ڪيو، تڏهن قرض مليو. هاڻ جي هند سرڪار بمبئي سرڪار کي قرض وٺي ڏنو آهي، ته ساڳي سکر براج جي زمينن ۽ وڌيل آمدني جي ضمانيت تي قرض ڏيئي سگهندي.

آءٌ ٿو دل جهلي پڇان ته براج تي جي بمبئي جو ضابطو هوندو ۽ نه سنڌ جو، ته انهي ڪري ڪو زمين جي وڪري مان ڪا پائي وڌيڪ جڙندي يا قدرت وڌيڪ عمدا فصل ڏيندي ڇا؟ جيڪي بمبئي ڪري ٿي سگهي، سو سنڌ به ڪري ٿي سگهي.

جي پوني جي ڪونسل مال مان سر هينري لارينس سکر براج بجيٽ تي ناهي سگهيو، يا سر چنيلعل بمبئي جي

ڏائون هال مان اهڙيءَ رٿ لاءِ پئسن جو بندوبست ڪري ٿو سگهي، جنهن رٿ جو بمبئي جي ريونيو سان ڪو واسطو ڪونهي ته مان سمجهان ٿو ته ڇو ڪين سنڌ سرڪار جو آفيسر يا سنڌ جو وزير ڪراچيءَ جي ڪونسل هال مان ساڳي ڳالهه ڪري سگهي. ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي جي ڪنهن سچ پچ قابل مالي وزير کي ٥ يا ١٠ هزار رپيا در مهني ڏنا ويا، جتي ٽن يا چئن ڪروڙن جي وارقير جو سوال آهي.

مون کي پڪ آهي ته جيڪڏهن سکر ٻراج ڏنڌي جي اصولن سان هلائي ويئي، ۽ گهڻن هٿ وجهي ڪم کي خراب نه ڪيو، جنهن ڪم جي ڪين ستڌي نه آهي ته پوءِ سنڌ جي هٿ اها شي ايندي، جنهن لاءِ پيڙهيون پيئون دعائون ڪنديون.

## (٣) بمبئي سرڪار جو سنڌ تي ڏيان

اڇو ته صفا شيشن منجهان ڏسون. اها ڳالهه برابر آهي، ته سنڌ کي سال ۾ گورنر صاحب ٣ هفتا، مالي ميمبر ٢ ڏينهن، روينيو ميمبر ٣ ڏينهن، ۽ خود مختاري حڪومت جو وزير ٤ ڏينهن، ۽ ايڪسائيز جو وزير ٻه ايترو وقت ۽ تعليمي وزير هڪ هفتو ڏيندو آهي.

هتان گهر ڪٿي ويئي ته هنرن جو ڊائريڪٽر هٿ

اچي، پر سنڌس وزير موڪل ڪانه ڏني. صحت جو ڊائريڪٽر ۽ چيف سئنٽري انجنيئر ٢ هفتا ايندو آهي. بمبئي سرڪار جو سرويئر ٢ دفعا سال ۾ انڊڪل هنتي ڪن لاءِ منهن ڏيکاري سگهندو آهي. تعليم جي ڊائريڪٽر ۽ سرجن جنرل کي ٽن سالن ۾ سنڌ ۾ اچڻ جو ٿو موقعو ملي. باقي ڪيتي جو ڊائريڪٽر، جنهن غريب تي سکر براج جو بوجو پيو آهي، سو سنڌ جي ڪونسلرن کي خوش ڪرڻ لاءِ- جي نه ته بجيٽ ڪين پاس ڪن هاڻي تي سهنا سال ۾ ٿو اچي رهي.

هي سڀ سڪر، بمبئي وارا سنڌ جي ڪاروبار جا سنڀاليندڙ ٽن نسبت آءٌ ڪنهن به بي ادبيءَ ڪانسواءِ چوندس، ته جي اسين پنهنجا ماڻهو رکندا سين ته اسان جو ڪم بهتر، وڌيڪ لائيق سان، ۽ وڌيڪ اثر سان ٿيندو.

آءٌ وري به ٿو چوان ته سنڌ جا مسئلا علحدا آهن. اسان کي ڪي هڪڙي قسم جا ماڻهو کپندا ۽ ڪي ٻئي جاءِ اسان جي گهرجن آهن، اسان جو ڪم هلڻو پوندو. آءٌ هڪ پل لاءِ به ائين ڪونه ٿو چوان ته سنڌ تي بمبئي سرڪار اصل ڌيان ڪونه ٿي ڏئي. منهنجو دليل هي آهي ته بمبئي ڪاتي جي هاڻوڪي سرشتي پٽاندر وڌيڪ ڌيان ڏيئي نٿو سگهجي؛ پل ڪٿي گورنر ۽ ٻين ڪاتن جا وڏا ڪيڙا به ايماندار هجن. مون کي پڪي خبر آهي ته بلڪ نٿا ن

سوالن تي به بمبئي سرڪار وٽان فيصلا اچڻ ۾ ڪي مهنا لڳيو وڃن.

## (ج) سنڌ جي قانون ساز مجلس

مسٽر هرچند راءِ ڪي وسمي؟ ولي ويٺي آهي ته سنڌ ۾ جيڪا ليجسليٽو ڪونسل ٿيندي، تنهن ۾ پاري بدنن وارا، وڏين پڳڙين وارا، ڪشادين سٿڻن وارا ڪئن اچي وهندا ۽ پوءِ بحث ڪهڙا نه موڳا هلندا. مون اڳئين ليک ۾ انهي جو جواب ڏنو آهي. مسٽر هرچند راءِ جي من ۾ ڪي شاهوڪار زميندار آهن، پر آءٌ ڄاڻان ٿو ته بلڪ انهن ۾ به لايق ۽ تهذيب وارا ماڻهو پيا آهن. تنهن کان سواءِ هزارين پيا رواجي سمجهو ماڻهو پيا آهن. آءٌ قبول ٿو ڪريان، ته وڏي ڳالهه منحصر آهي چوندن تي، ۽ ووٽ جي طريقي تي، پر اميد آهي ته ان ڏس ۾ واجبي سڌارو ڪرڻ سان (هن ڳالهه بابت آءٌ جدا لکندس) آهي ماڻهو چونڊي سگهبا جي چڱو ڪم ڪري سگهندا.

مون کي آهي ڪونسل ميمبر ڪونه کپن، جي پنهنجو وقت شولاپور، بيلگام، يا ڌاڙي جي ڳالهين تي لڳائيندا؛ سنڌ لاءِ ڪيترو ڪرڻو پيو آهي. سال ۾ بمبئي ڪونسل به يا ٽي دفعا گڏجي ٿي، پر سنڌ تي رڳو ٽي يا چار ڪلاڪ صرف ڪيا ٿا وڃن.

## (٥) عملدارن جو ڳورو هٿ

اهو جو چوڻ ۾ ٿو اچي، ته سنڌ بمبئي کان جدا ٿيندي ته عملدارن جو هٿ ڳورو ٿيندو ۽ پنهنجي هلندا، تنهن بابت مان ته سمجهان ٿي نٿو ته هينئر کان ابتر ڪيئن حالت ٿيندي. اتلوڻي **ڪونسل هال** ۾ اسان ڪي گهڻئي وجهه ملندا، جو سنڌن زبردستي تي مٿن وسڪارا ڪري سگهبا، سوال پڇي سگهبا، گوڙ مچائي سگهبو ۽ مٿن ترت دٻاو آڻي سگهبو. هاڻي ته رڳو سوالن وجهڻ ۽ هزار مٿل پري، عريضيون موڪلڻ تي راضي آهيون، جن ڪي ڪوبه ڌيان ڪونه ٿو ڏنو وڃي. جيڪڏهن اسان ڪي پنهنجو گورنر، يا چيف ڪمشنر، ۽ ڪونسل هوندي، ته سنڌ جا عملدار، ڪراچي جي سرڪاري گهر جي نظر هيٺ، سدا رهندا.

## (٩) وڏو خرچ

مگر براج جي خرج جي ڳالهه مٿي ڪئي ويئي آهي ته خرچ قرض جي ڪاتي ڪيو ويندو، هاڻي باقي رواجي جڳهين روينيو جي ڪليڪٽرن، پوليس، انجنيري، ميڊيڪل، تعليم، ۽ ٻيتي جي کاتن جي مکيه عملدارن جي خرچ جي ڳالهه آهي. اهڙا عملدار درجن کان مٿي ڪين ٿيندا، جن تي خرچ مهني ۾ ٢٠ هزار کن ٿيندو. اسان کي شايد انهن سڀني جي گهرج ڪانه

ٿيندي جو هينئر به ته سنڌن ڊپٽي ويڌا اهو ڪم ڪن، ڪي ٿورا وڏا مکيه ڪاروباري ڪپندا جن تي سال ۾ ٻن لکن کان متي خرچ ڪين ايندو. انهن ٻن لکن ۾ اهي عملدار سڄو سال سنڌ لاءِ ئي ڪم ڪندا، جنهن جي معنيٰ ته ڪم نهايت قابليت سان هلندو.

ڪونسل جا خرچ ڪرڻ ۾ فائدو ٿيندو. هينئر بمبئي ڪونسل ۾ سنڌ جا عيوضي ١٧ آهن. پوءِ ٤٠ تي سگهن ٿا. ننڍي ڪونسل چڱيءَ طرح هلائي سگهبي. ميٽنگون گهٽيون ڪري سگهبيون. ڀاڙن جا خرچ ٿورا ٿيندا، ۽ هرڪو سوال سنڌ ۾ ئي فيصل ڪيو ويندو. اهو وڏيڪ خرچ لک کن ٿيندو. اهو جملہ ساليانو ٽن لکن جو خرچ سنڌ کي ڏهوڻو اجوڙو ڏيندو.

## آخرين

اچو ته حقيقتون ويچاريون. سنڌ ننڍو ديس نه آهي، ايڏو آهي جو پرڳڻو تي سگهي. يورپ ۾ سنڌ کان ٻه ننڍا ملڪ آهن، جن جي حڪومت جدا آهي. اسان کي بهتر سهوليتون آهن، واڌاري جون وڏيڪ اميدون آهن. جيڪڏهن اسين جدا ٿينداسون، ته اسين پنهنجي سموري آمدني سنڌ ۾ خرچي سگهنداسون. اختياري وارو سنڌ ۾ هوندو، عملدار ويجهو هوندا، ڪونسل ميمبرن کي

مڪاني حالتن جو چاڻ هڪيو هوندو، ۽ ماڻهو سنڌ جي وطن حب سان، ڌمتار هوندا؛ جن سيني ڳالهين ڪري سنڌ اسان جي ديس جو سک پريو، تندرست، پوک ۽ برڪ، پرپور پرڳٽو ٿيندو. باقي جي بمبئي کاتي جي پچري ٿي رهندو ته هي واڌارو نه ڪڏهن ٿي سگهندو نه ڪڏهن ٿيندو.

## IV

## مسٽر جٿرامداس کي جواب

هاڻ مان مسٽر جٿرامداس کي جواب ڏيندس. مان خوش ٿيو آهيان، ته مسٽر جٿرامداس قبول ٿو ڪري ته سنڌ جي جدا ٿيڻ جو سوال چونڊڪن جي ڳالهه سان ڪوبه تعلق نٿو رکي. هو پنهنجي قوم کي سلامتي سان ۽ همت سان چئي سگهي ٿو ته اوهين اهو ڪوبه خيال نه ڪريو ته ٻيءَ قوم جا ماڻهو اوهان تي غالب پئجي ويندا. آءٌ مسٽر جٿرامداس سان انهي ۾ به شامل آهيان، ته سنڌ جي جدا ٿيڻ جو سوال، سڄي هندستان جي بهبودي کان ويچارڻ گهرجي. منهنجو رايو آهي ته سنڌ جي جدا ٿيڻ جي معنيٰ آهي ته سنڌ جي صحت، صفائي، تعليم ۽ واڌارو ٿيندو، ۽ اهي جي ٿيا ته انهن سان گڏ سارو ملڪ سڌرندو. هڪڙو پرڳٽو، تعليم پريل ۽ تندرست ساري ملڪ لاءِ طاقت جو پندار آهي.

## ننڍيءَ ورڪن ۽ سڌارا

منهنجي دوست کي اهو ڊپ آهي ته سنڌ آهي ننڍو پرڳڻو، تنهن ڪري سڌارن ملڻ وقت ليکيو به ننڍو پرڳڻو ويندو. هو سمجهي ٿو ته بمبئي، ترقي ڪيل پرڳڻو آهي، تنهنڪري بمبئي کي جلدئي پرانتڪ جوابدار حڪومت ملندي. انهي ڪري کيس خوف آهي ته سنڌ جي جدا ٿي، ته اسان کان وڏو نفعو کسجي ويندو. مسٽر جئرامداس اها ڳالهه صحيح ٿو سمجهي ته سنڌي، ڪاروبار جي لائق ڪين آهن، پر مان هن ڳالهه قبول ڪرڻ کان انڪار ٿو ڪريان. جيئن پروسو وڃائڻ، ڪمزوري جي نشاني آهي. جيڪڏهن هندستان جي سيني ڪونسلن نظر وجهبي، ته کيس معلوم ٿي ويندو ته سنڌي ڪونسلر به ٻين جهڙائي چڱا آهن. اٿين برابر آهي ته بمبئي جي سنڌي ڪونسلرن جي اها گهڻتائي آهي، جو ڪين انگريزي ڪانه ٿي اچي؛ پر ڪاروباري ڪمن نسبت هنن کي سنڌ جي ذري ذري جي خبر آهي. هو بيلگام، گجرات ۽ پوني جي ڳالهين ۾ ڪٿي واسطو نه ڏيکاريندا هوندا، پر سنڌ جي سوالن وقت جيڏيون اکيون ٿا ڪن آهي جي اوهين ڏسو ته سمورو خيالي ڊپ جيڪر نڪري وڃي.

سان ڪيس سمجهائي ۽ هلائي سگهبو ۽ سنڌس سمورو ڌيان پنهنجي پرڳڻي تي آڻائي سگهبو.

جيڪڏهن بمبئي کي سموري پرانتڪ اختياري ملي ويئي، ۽ سنڌ کي سموري نه ملي، ته به گهٽ ۾ گهٽ پنجن سالن تائين اهو قصو ٿيندو. اهي پنج سال جلد گذري ويندا ۽ قوم جي تواريخ ۾ ٥ سال ڇا آهن؟

## ريلوايون

مسٽر جٿرامداس ٿو لکي، ته جي اسين بمبئي کاڻي سان هونداسين، ته ريلوائي جون وڏيڪ سهوليتون ٿينديون پر سوال آهي ته بمبئي اسان جي پرڳڻي لاءِ سؤ سالن ۾ ريلواين جي باري ۾ ڇا ڪيو آهي؟ اهوئي ته دليل آهي جنهن تي آءٌ سنڌ جو جدا ٿيڻ ٿو گهران، انهي لاءِ ته پوءِ اسين مرڪزي حڪومت (هند سرڪار) سان جڏهن ريلوائي جي بجيٽ جا سوال آڻن، تڏهن پنهنجون جڏيون جوڙتي سگهون. بمبئي، هند سرڪار کان، جي آءِ پي ۽ بي بي ۽ سي آءِ ريلواين لاءِ ڪروڙين رپيا ورتا آهن، پر اسان کي سنڌ لاءِ رڳو پن ضروري گهربل ريلواين جي لاءِ سروي ڪپي، سا به نٿا ڪرائي سگهون. اڃا به مسٽر جٿرامداس ٿو گهري ته سنڌ بمبئي سان رهي. بمبئي کي وڏيڪ ڳڻتي پنهنجي آهي، ۽ هاڻ اسان کي پنهنجي مڪتي پاڻ ڳولي لهڻي آهي.

## پاڻي

مسٽر جٿرامداس جو اهو دليل ته بمبئيءَ جي وڏيڪ هلندي آهي، ۽ سنڌ سرڪار ۾ هلنديءَ وارا ماڻهو ڪونه هوندا جي وچي جڏيون جوڙيندا، سو دليل پڙهي مون کي ڪاوڙ ٿي لڳي. سنڌ ۾ اهڙي نامردي آهي سا ڳالهه آءٌ نٿو مڃان. جيڪڏهن پاڻيءَ جي باري ۾ اسان کي پنجاب سان، پاڻيءَ جي تجويزن نسبت، ڇتا پيٽيون ڪاڻيون آهن، ته، اسين بمبئي جي عملدارن کان انهي سوال تي وڌيڪ ڌيان ڏيئي سگهنداسون. اسان جي پوڪ جي وزير کي ۽ پرڳڻي جي وڏي کي گهڻوئي وقت ملندو، ۽ هو ١٠٠٠ ميل پري رهندڙ سرڪار جي عملي کان وڌيڪ ڌيان ڏيئي سگهندا.

تنهن کانسواءِ مسٽر جٿرامداس، سکر براج کي ڪيئن هلائبو، تنهن نسبت ڌو ڳالهه ڪري. پنهنجو جواب آهي ته هي ڳالهه آهي ناڻي ۽ ماڻهن جي. جي بمبئي کي عملدار ملي سگهن ٿا ته اسان کي به ملي سگهندا. بمبئي سرڪار هند سرڪار جو ناڻو ٿي خرچي، اسين به خرچي سگهنداسين. جيڪڏهن مسٽر هئريسن بمبئي جو عملدار چيف انجنير ٿي سگهي ٿو ته سنڌ جو عملدار هئڻ سان به ٿي سگهندو.

## آئينده جي سنڌ ڪائونسل

مون ڪيترا دفعا لکيو آهي، ته اهو خيال ته سنڌ جي

ڪونسلرن، بمبئي ڪونسل ۾ چڱو ڏيک ڪونہ ڪيو آهي سا ڳالهہ رڳو وهم آهي.

پنهنجن واسطن جي ڳالهين ۾ هنن پاڻ کي پورو پورو چاڻو ثابت ڪيو آهي. لئي پٽي اسين سمجهو ماڻهن کي ٻاهر آئي، ڪائن مغز هلارائي سگهنداسين. ائين تہ ڪين آهي تہ مغز وارا ماڻهو سنڌ ۾ آهن ئي ڪين؛ پر سيڪو تہ ڪين پنهنجو شهر ڇڏي، پنهنجا ڪم ڇڏي، هزار مئل پري ٿي دفعا سال ۾ وڃي سگهندو. مسٽر جئرامداس ٿو چوي تہ سنڌ سرڪار لاءِ پرنسپال شارپ يا ڊاڪٽر مئن جهڙا ماڻهو ملي ڪين سگهندا. خير، پر اهي ماڻهو بمبئي ۾ انهي ڪري آهن، جو بمبئي ڪين ٻگهار ٿي ڏئي؛ جي اسين انهن کي پگهار ڏينداسون، تہ هو سنڌ ۾ ٿي سگهندا. اهوئي سبب آهي، جو آءٌ سنڌ جو جدا ٿيڻ ٿو گهران. منهنجي مرضي آهي تہ اهڙن قابل وڏن عملدارن جو سنڌ جي سوالن تي سمورو ڌيان هئڻ گهرجي.

## بمبئي جو عام رايو

مسٽر جئرامداس جو دليل آهي تہ سنڌ ۾ عام رايو زور دار نہ ٿيندو. منهنجو جواب آهي تہ اهو دليل ڏيکاري ٿو تہ شرڌاپوري نہ آهي. سنڌين ڏيکاريو آهي تہ عام ڳالهين ۾ ضروري وقتن تي پنهنجو آواز اٿاري سگهن

ٿا. مون ته ڏٺو آهي ته سنڌ جي ڪنهن ڳوٺ ۾ گوڙ ٿو ٿئي، يا ڪا زال پيچي ٿي وڃي ، يا ڪنهن ماڻهوءَ کي مار ٿي ملي ، تہ بہ اسين ساري هندستان ۾ گوڙ مچائي ٿا سگهون. مون کي پڪ آهي تہ وڌيڪ جوابداري حاصل ڪرڻ سان، اسان کي پاڻ ۾ وڌيڪ ڀروسو ٿيندو ۽ اسان جي آواز کي وڌيڪ پڌرائي ملندي.

## وزير

مسٽر جئرامداس جو چوڻ آهي تہ اسين ٣ وزير ڪين رکي سگهنداسين. منهنجو جواب آهي تہ جي ضرورت ٿي؛ تہ اسين ۴ بلڪ ۵ وزير رکي سگهنداسين. پرجي نہ تہ اسين ٢ رکنداسين. وزير ٿي ٿي، يا چار هزار خرچ ڪو اهڙو انگ نہ آهي جو ڏجي وڃجي. ڏسون وينا تہ ننڍي ميونسپالٽي، پنهنجي چيف آفيسر کي ٥٠٠ کان ٢٠٠٠ رپين تائين پگهار ڏيئي ٿي سگهي. اهڙا ننڍا انگ خيال آڻڻ لائق ڪين آهن. جي منهنجو ڏنڊو وڏي ٿو تہ وڌيڪ ماڻهو رکان ٿو. جي گهرج نہ آهي، تہ ننڍو رکان. ٿورا هزار هيڏانهن يا هوڏانهن ڪهڙي ڳالهہ آهي؟

## ماليِ

مسٽر چئرامداس جو وڏو زور سکر براج تي آهي. مان مڃي چڪي آيو آهيان ، تہ بمبئي پنهنجي ريونيو مان ،

پاڻي به کين خرچيندي. باقي بئي عام مالي انگن نسبت، بمبئي سرڪار جيڪي انگ ڏنا آهن، سي ڪنهن کي به ڏيکاري سگهن ٿا ته اسين پنهنجو ڪم هلائي سگهنداسين. منهنجي مرضي ته سنڌ جدا ٿئي، انهي ڪري ٿي آهي جو سنڌ کي اسين تعليم ۽ تندرستي سان پوري سگهنداسين انهي جي معنيٰ ته وڏيڪ اُپت ڪري سگهنداسين. وڏيڪ اُپت معنيٰ وڏيڪ سٺي حياتي، وڏيڪ سٺي حياتي معنيٰ وڏيڪ ريونيو، ۽ وڏيڪ ريونيو معنيٰ اسان جي ترقي ڪرڻ جي وڏيڪ طاقت.

## وڏيڪ ڏيارون

منهنجو رايو آهي ته بمبئي سان گڏ رهڻ ڪري، وڏيڪ ڏيلون وڌنديون. منهنجي دوست مسٽر جئرامداس کي بجيٽ جي ڪاپي سندس هٿن ۾ آهي ۽ جي انگن ۾ اونهو ويندو ته ڏسندو ته جيڪي رقون سنڌ کان سواء، بمبئي کاتي جي بين ڪمن جي واڌاري لاءِ رکيون ويون آهن، آهيئي رقون، ڏيلون وڏيڪ مڙاهئنديون. جي مسٽر جئرامداس ٿو چاهي ته بمبئي کاتي سان گڏ رهڻ ڪري، وڏيڪ ڏيلن کان سنڌ بچي ويندي، ته مون کي ڊپ آهي ته مسٽر جئرامداس وهم هيٺ آهي.

## ڏاريا (فارين) ناڻا

هن ڳالهه جو سنڌ جي جدا ٿيڻ ۾ ڪهڙو دخل آهي،

پڪ آهي ته سنڌ ۱۹۷۷ کان پوءِ به جنگ پيئي جيئندي، جن بابت ڪو به ڪٿي ڪين سگهندو. اهڙي ريت مالي طور ته اسان کي ڪنهن به ڳالهه جو ڊپ نه آهي.

اسين پيا ٻانيون ته چونڊن جي سوال رڳو اسانجي ملڪ ۾ گوڙ لڳايو آهي. پر انهي سوال دنيا جي سڀني سڌريلن ڀاڱن ۾ ڌيان ڇڪايو آهي ۽ گوڙ مچايو آهي. ڪيتريون جماعتون ڪڙيون ٿيون آهن، مثلاً "پروپورشنل" عيوضي جماعتون، ۽ ملڪ جا اعليٰ دماغ پيا ويچار ڪن ته هي مسئلو ڪيئن حل ڪجي. نا اميدي ڪرڻ جو سبب ڪونه آهي، واڌارو ڪندڙ قومن جي خيال مان، واقفيت رکندا ايندا سون، ته رستو ملي سگهندو. بلڪ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جهڙو ملڪ به پنهنجي چونڊن جي نتيجن سان راضي نه آهي. هڪ اعليٰ دماغ آمريڪن پنهنجي تازي ڪتاب ۾ هيئن ٿو لکي.

"انهي بنيادي ڳالهه تي ڌيان ئي ڪونه ڏنو ويو آهي ته قاعدي ساز مجلسون ڪيئن چونڊجن. آمريڪا ۾ جيڪو رستو چونڊن جو اسان ورتو آهي، سو رواج اسان انگلنڊ کان ورتو. انگلنڊ جو سرشتو سنڌن اڳيئن سرشتي منجهان نڪتو، جڏهن ووٽ جو حق تمام ٿوري سيڪڙي کي هوندو هو ۽ جڏهن هاڻوڪا مسئلا هوندائي ڪونه هئا. تنهنڪري هينئر به جو اسين ساڳيا رستا وٺي لڳا آهيون، تنهنڪري گهڻايون ٿي پيئون آهن."

هن مان ڏسي سگهبو، ته هي مسئلو تڏهن حل ٿيندو جڏهن پورو اپاءُ ورتو ويندو ۽ نه رڳو ٺاهن تي پاڙيو پيل ڪٿي هندو مسلمان هڪ ٻئي کي پاڪر پائين— منهنجي ارداس آهي ته اهڙو ڏينهن جلد اچي— ته به مسئلو ساڳيو ئي رهندو، جئن انهن ملڪن ۾ به ساڳيو مسئلو آهي جتي هڪڙو ڌرم آهي. مان پانيان ٿو ته هڪڙو رستو هن مسئلي حل ڪرڻ جو اهو آهي، جنهن کي ”پروپورشنل عيوضي“ ٿو چئجي، اهو جڏهن ڪامنويلٿ آف انڊيا بل جي درجي واري ووٽ سان گڏ اختيار ڪبو تڏهن فائدو ٿيندو. اهو بل به ڪامل دماغن جو ٺاهيل آهي.

O

## ڪشتي ماڻهو ڪٺا
ڪلام
پير شاهنواز عارف المواڻي
ترتيب :- محمد خان مرزو
ايم - اي، بي ايڊ

○

## لطيف چئي
(شاهه عبداللطيف)
ليکڪ : ايم. اي. عالماڻي

○

## مضامين خليل
(تاج الشعراء محمد ابراهيم خليل جا ادبي مضمون)
مرتب :- عبدالقيوم 'صائب'

○

## لسانياتي جاگرافي
۽
## ٻوليءَ جون آرائون
از : محمد عمر چنڊ
انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد


## گلشن پبليڪيشن
ممتاز ڪالوني- عبدالقيوم روڊ حيدرآباد

گلشن پبليڪيشن جا ايندڙ ڪتاب

---

١- سانگ جا ھار
٢- ادب ۽ ماحول
٣- تقرير جو فن
٤- لائبرري سائنس جي تعليم (ٻيو ڀاڱو)

**ڪتابن ملڻ جو هنڌ:**

گلشن پبليڪيشن گھر نمبر ايچ- سي- بي ٨١٦ :-
ممتاز ڪالوني قاضي عبدالقيوم روڊ حيدرآباد سنڌ.

## گلشن پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب

| | |
|---|---|
| ١- سنڌ جي ڪتب خانن جي مختصر تاريخ | ٢٤-٠٠ |
| ٢- سنڌي رسالن جي تاريخ | ١٥-٠٠ |
| ٣- شوق جو اظهار عرف صدمي جي سوکڙي | ٢-٥٠ |
| ٤- وڏا ادب وڏيون ڳالهيون | ١٥-٠٠ |
| ٥- لائبرري سائنس جي تعليم ڀاڱو پهريو | ٣٠-٠٠ |
| ٦- آڪاڏي رات وهاڻي | ٥-٠٠ |
| ٧- ڪتب خانن جو انتظام | ١٠-٠٠ |
| ٨- آدرش رنگ | ٨-٠٠ |
| ٩- سنڌ جا مير ۽ ميانڻي جي جنگ | ٦-٠٠ |
| ١٠- سنڌ جا هنر | ١٠-٠٠ |

ڪتابن ملڻ جو هنڌ:

گلشن پبليڪيشن گهر نمبر ايڇ- ممي- بي ١٨١٦-
ممتاز ڪالوني قاضي عبدالقيوم روڊ حيدرآباد سنڌ.